# رسول بخش پليجو

## 76 جنم ڏينهن جي موقعي

## تي لکيل چونڊ لکڻيون


| نمبر | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | منظور سولنگي | 02 |
| 2 | ذوالفقار واهوچو | 04 |
| 3 | غفور ميمڻ | 08 |
| 4 | عرفان قريشي | 10 |
| 5 | زرار پيرزادو | 11 |
| 6 | سرويچ ساريو | 13 |


(روزاني ”عوامي آواز“ جي ٿورن سان)

# هڪ ڪامل ۽ ڪامياب انقلابي ماڻهو

منظور سولنگي

رسول بخش پليجي جي سالگرهه جي موقعي تي جڏهن آءٌ سندس شخصيت ۽ زندگيءَ جي سڀ کان وڌيڪ نمايان پهلوئن يا پاسن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو تہ مونکي سندس ٽن خوبين جو ٽيڙو سڀ کان مٿي اپريل نظر اچي ٿو، جن جو هتي آءٌ مختصر بيان ڪريان ٿو. جيئن سنڌ جي لوڪ فنڪار جلال چانڊئي، هڪ پيري دعوا ڪئي هئي تہ هو اهو فنڪار آهي، جنهن سنڌين جي ميڊم نورجهان ۽ عنايت حسين ڀٽيءَ مان جان ڇڏرائي هئي. بلڪل اهڙي ريت رسول بخش پليجي، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي فارسيءَ جي اثر مان جان آجي ڪرائي. جديد سنڌي صورتخطي ٺهڻ بعد گذريل اٽڪل ڏيڍ سئو سالن ۾، جيڪي بہ سنڌي ڪتاب لکيا ويا آهن، انهن مان ڪن تي هندي ۽ ڪن تي فارسي اثر نمايان رهيو آهي. سنڌ جي هندو اديبن جي تحريرن ۾ هندي ٻولي ۽ مذهب جي لفظن نالن ۽ محاورن جو اثر نظر اچي ٿو، جڏهن تہ مسلمان اديبن جي لکڻين ۾ عربي ۽ فارسي لفظن، پهاڪن، نالن ۽ محاورن جي گهڻائي نظر اچي ٿي. اهو اثر شيخ اياز، محمد ابراهيم جوئي ۽ جي ايم سيد جي تحريرن ۾ بہ نظر اچي ٿو، پر رسول بخش پليجو اهو پهريون ماڻهو آهي، جنهن سنڌي لکڻيءَ جي انداز کي ڌارئين اثر کان آزاد ڪرائي، سنڌي لکڻيءَ جو رنگ ڍنگ، انداز ۽ نمونو نج سنڌي ڪيو. شيخ اياز ڳئون کي گايون، محمد ابراهيم جوئي پاون کي پايا ۽ جي ايم سيد سهڻي اخلاق کي اخلاق حميده ڪري لکيو آهي، پر رسول بخش پليجي پنهنجي لکڻين ۾ لکڻ جي ان انداز کي ترڪ ڪري، لکڻ جو هڪ نئون ۽ نج سنڌي نمونو اختيار ڪيو آهي، جيڪو سندس سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمت جو انوکو مثال آهي. مون ان موضوع تي هڪ تفصيلي مضمون لکيو آهي جيڪو ڪنهن رسالي يا ڪتاب ۾ شايع ڪرڻ لاءِ پيش ڪرڻ جو خيال اٿم. رسول بخش پليجي جي شخصيت جو ٻيو وڏو ڪارنامو سنڌ ۾ سنڌي عورتن جي تنظيم ۽ تحريڪ آهي. سنڌ جي ڄاتل تاريخ ۾ ايڏي وڏي تعداد ۽ انداز ۾ ايتريون عورتون اڳ ۾ ڪڏهن بہ گڏ نہ ٿيون آهن. جيڏيون ۽ جيتريون سنڌياڻي تحريڪ جي جلسن ۽ اجلاسن ۾ گڏ ٿينديون رهيون آهن. بينظير ڀٽو جي جلسن ۾ لکين مرد تہ آيا هوندا پر سنڌي عورتن جو تعداد سدائين سون ۾

رهيو. ان جي ابتڙ سنڌياڻي تحريڪ هزارين سنڌي عورتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جو اعزاز حاصل ڪيو آهي. 1987ع ۾ شاهپور چاڪر ۾ پنج هزار سنڌي عورتن جو سنڌياڻي تحريڪ جي ڪنوينشن ۾ گڏ ٿيڻ ماضيءَ جا سڀ رڪارڊ ٽوڙڻ جهڙي ڳالهه هئي. ڪالاباغ ڊيم خلاف 1988ع واري "سنڌي عوام جي قومي اتحاد" جي جلسن ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي صدر صاحبزادي ڏاهريءَ جو اهو پوز دنيا جي سمورين تصويرن ۽ پيٽنگز کان وڌيڪ خوبصورت لڳندو هو، جڏهن صاحبزادي ڏاهريءَ اسٽيج تي ويٺي، پنهنجي هنج ۾ ويٺل ٻار کي ريجهائيندي به هئي ۽ تقريرون ٻڌندي هئي ۽ پوءِ اهو ٻار ڪنهن ٻي عورت کي ڏئي پاڻ تقرير اچي ڪندي هئي. اڄ سنڌياڻي تحريڪ سان لاڳاپيل سنڌ ۾ اهي سوين ڇوڪريون موجود آهن، جيڪي ٻين خوبين سان گڏ بهترين ماڊريٽر يا اسٽيج سيڪريٽريءَ جي فن ۾ ماهر آهن. جنگ شاهي جي هنيلي هرڻ جو ٽيون وڏو ڪارنامو، جنهن لاءِ سنڌ سندس مشڪور رهندي، اهو هي آهي ته هن سنڌ کي پڙهيل لکيل نوجوانن جي هڪ وڏي کيپ عنايت ڪئي آهي. سنڌ ۾ جيئن ڪميونسٽن پڙهيل لکيل ماڻهن جو هڪ وڏو حلقو پيدا ڪيو، بلڪل ايئن رسول بخش پليجي جي تربيت هيٺ رهندڙ اهي هزارين نوجوان جيڪي مختلف ميدانن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. انهن رسول بخش پليجي جي ليڪچرن، مضمونن ۽ ترجمي ڪيل يا تجويز ڪيل ڪتابن پڙهڻ جو ڪورس پورو ڪري، جڻ هڪ ڪوريءَ مان پڇي پهڻ ٿيڻ جو عمل مڪمل ڪيو آهي ۽ هاڻي اهي رڳ ٽيل ڇٽا، معاشري جي ڪنهن به ٻي سوچ جي ڌارا ۾ ڳرن نه ٿا. رسول بخش پليجي سڄي عمر سنڌ ۾ سماجي تبديلي آڻڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي آهي. ڇا هو ان جاکوڙ ۾ ڪامياب ٿيو آهي، جنهن ڏينهن مون گولاڙڇيءَ ۾ هڪ گنديري (مهاڻي) کي مارڪس ۽ مائو جا حوالا سمجهائيندي ٻڌو، مون ان ڏينهن دل سان تسليم ڪيو هو ته رسول بخش پليجو سنڌ ۾ انقلابي فلسفو هيٺين سطح تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. هن پنهنجي ياڳي جو ڪم نهايت جفاڪشي ۽ اورچائيءَ سان ڪيو آهي. ان ڪري هو هڪ ڪامل ۽ ڪامياب انقلابي ماڻهو آهي.

# نرالين جدوجهدن جوتخليقڪار

ذوالفقار واهوچو

سنڌ پنهنجي ڪک مان ڪيترائي مانجهي مڙس مٿير پيدا ڪيا آهن جن سنڌ جي ٽج ملهائي پنهنجي حصي جوقرض لاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهن مٿير مڙسن ۽ وطن پرستن مان رسول بخش پليجو به هڪ آهي، جيڪو پنهنجي سڄي ڄمار سنڌ جي سياسي، معاشي ثقافتي ادبي ۽ تاريخي پهلوئن تي جاکوڙ ڪندي اڄ هن منزل تي پهتو آهي، رسول بخش پليجو سنڌ جي هزارين سالن جي ڏکن ڏولاون، تڪليفن، اهنجن، ايزائن، ڪشالن ڪانپوءِ پيدا ٿيل اها هستي آهي، جنهن جي سياسي بصيرت مان اندازولڳائي سگهجي ٿو ته سندس سخت مخالف به اهو چوڻ تي مجبور آهن ته ها واقعي رسول بخش پليجو، ڏاهپ، شجاعت، دليري، بردبادي اورچائي، دور انديشي، ثابت قدمي ۽ ڏکهي ويڙهه جو نالو آهي، هو پنهنجي جذبن ۽ ارڏو ڏونگر آهي، پليجي صاحب جو پنهنجو قول آهي ته ” اسين پنهنجن لاءِ خاڪ ۽ مٽي آهيون، پر دشمن اڳيان رڪ ۽ جبل ڪان به ڏاڍا آهيون“ اڄ جڏهن هو 73 ورهين جي ڄمار کي پهتو آهي ته واقعي هو رڪ ۽ جبل ڪان به ڏاڍو لڳي ٿو، سنڌ جنهن ۾ هر ڏينهن مسڪين، بي پهچ، لاوارث ۽ بي زبان عورتن کي رڍن ۽ ٻڪرين وانگر ڪنو ۽ قتل ڪيو وڃي ٿو، جاگيردار سماج ڪوڙي غيرت ۽ ان خاطر ڪارو ڪاري ڪري جيئڻ جو حق کسي ٿو، جتي سنڌ جون نياڻيون پنهنجي سوئٽن ۽ ماساتن سان کلي ڳالهائي نٿيون سگهن، ان سماج ۾ هزارن جي تعداد ۾ عورتن کي قومي مسئلن تي گهرن مان ٻاهر ڪڍي، جنگ جي ميدانن ۾ آٽي بيهارڻ جي مهارت ڏانءُ ۽ ڏاهپ به صرف رسول بخش پليجي منجهه آهي، مون کي ياد آهي ته وارهه شهر ۾ هاري، ڪانفرنس ۾ عبدالواحد آريسر جڏهن سوين عورتن کي جلسي گاهه ۾ ڏٺو ته سندن زبان ۾ اهي لفظ بي ساخته نڪتا هئا ته سلام ٿو پيش ڪيان رسول بخش پليج کي جنهن چانڊڪا جي علائقي ۾ جتي عورتون جانورن جيئان بي دردي سان ڪنيون ويندڀون آهن اتي هزارين عورتون گڏ ڪيون آهن، جيڪا ٻئي جي وس جي ڳالهه نه آهي رڳو رسول بخش پليجو کي اهو اعزاز حاصل آهي. جڏهن به هن شخص جيڪا ڳالهه ڪئي ان ڳالهه کي دشمنن به تسليم ڪيو، اڄ کان 20 سال کن اڳ جڏهن پليجوصاحب ڪالاباغ ڊيم کي سنڌ دشمن رٿا

قرار ڏنو هو ان وقت به ڪجهه قومپرستن بلڪ سائين جي ايم سيد اهو چيو هو ته رسول بخش پليجو نان اشوز تي ڳالهائي سنڌي عوام جو قومي حقن واري جدوجهد کان ڌيان هٽائڻ چاهي ٿو، پر پوءِ تاريخ شاهد آهي ته سائين جي ايم سيد پڻ پنهنجي حياتي ۾ ئي پر ڪالاباغ ڊيم کي سنڌ لاءِ هاجيڪار قرار ڏنو ۽ ان لاءِ ايس اين اي جوڙايو جنهن ۾ به رسول بخش پليجي جو هڪ ڪردار هو، اهڙي طرح ووٽر لسٽون سنڌي ڇپايو تحريڪ، بدين ۾ فوجين حوالي ڪيل زمينون بچائڻ لاءِ نيلام بند ڪريو تحريڪ، سنڌي عوام جو قومي اتحاد، سنڌي اتحاد، سنڌ بچايو تحريڪ، ڪالاباغ ڊيم خلاف سکر کان ڪراچي تائين لانگ مارچ، حيدرآباد کان ڪراچيءَ تائين لانگ مارچ، ڀٽ شاهه کان ڪراچي تائين لانگ مارچ سنڌ ۾ ڌارين جي آباد ڪاري خلاف هلايل هلچل سميت انيڪ اهڙيون جدوجهدون آهن جن جو تخليقڪار رسول بخش پليجو آهي يا انهن جدوجهدن جو روح روان رهيو آهي، سنڌ سندس سياسي ڏاهپ، دوراندیشي، چستي سبب ڪيترائي ڀيرا واڳن جي وات ۾ ايندي بچي آهي، مون کي اهو شرف حاصل آهي ته مون ساڻس ڪجهه وقت گذاريو آهي، جنهن مان مون تمام گهڻو سکيو ۽ پرايو آهي، پر اها منهنجي بد نصيبي آهي جو آءُ سندس آشيرواد ۾ گهڻو وقت رهي نه سگهيس ڇاڪاڻ ته هر انسان جا پنهنجا پنهنجا طور طريقا ٿين ٿا ۽ هو انهن ذريعي اڳتي ۽ پوئتي ٿئي ٿو. رسول بخش پليجو اونداهي ۾ لاٽ مثل آهي، سنڌ جيڪا هن وقت گدڙن جي ور چڙهيل آهي، جتي وڏيرا خسيس ڪرسيءَ خاطر ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جي گذر جي وسيلن کي وڪرو ڪرڻ لاءِ پنهنجون ٻوليون لڳائي رهيا آهن، صدر جنرل پرويز مشرف جا جلسا ڪرايا پيا وڃن ۽ حمايت ۾ مهم جوئي ڪئي پئي وڃي. سنڌ جا ضلعا ٽوڙي ڌارين جي حوالي ڪيا پيا وڃن. سنڌ جي دل ڪراچي ۾ سنڌي جي داخلا ۽ نوڪرين تي بندش وجهڻ جون سازشون سٽيون پيون وڃن ان لاءِ سنڌ اسيمبلي مان قراردادون پاس ڪرايون پيون وڃن ۽ وري واڳوءَ وارا ڳوڙها ڳاڙي سنڌين سان همدردي ڪئي پئي وڃي ۽ ڏسٽا وائسٽا ماڻهو به رات وچ ۾ دشمن جي مهم هلائڻ شروع ڪري ڏين ٿا، ان وقت رسول بخش پليجو ئي انهن کي وائکو ڪري ٿو نروار ڪري عوام کي خبردار ڪري ٿو ته اها انهن جي چال آهي، هڪ هفتو اڳ پليجو صاحب دادو ۾ چيو ته جنرل مشرف ۽ الطاف حسين هڪ ئي سکي جون ٻه تصويرون آهن ۽ اهي اسٽيبلشمينٽ جا ماڻهو آهن، جنرل مشرف جو مظلوم قومن خلاف ظلم وڌندو ويندو ۽ الطاف حسين جي ٻولي منڊي

ٿيندي ويندي ۽ نيڪ 3 کان 4 ڏينهن اندر الطاف حسين ڪالاباغ ۽ بلوچستان ۾ جاري فوجي آپريشن بابت حڪومت کان الڳ ٿيڻ جو الٽيميٽم ڏنو ۽ ساڳئي ڏينهن تي شام جو الٽيميٽم واپس وٺي اعلان صادر ڪيو ته جنرل مشرف ڪالاباغ ڊيم ناهڻ وارو فيصلو ملتوي ڪري ڇڏيو ۽ بلوچستان ۾ آپريشن بند ٿي ويو، عيد ڏينهن بلوچستان ۾ 12 بي گناهه شهرين ڪي قتل ڪيو ويو ۽ صدر مشرف سرحد صوبي جي صوابي واري ضلعي ۾ جلسو ڪري چيو ته ڪالاباغ ڊيم سميت 3 ٻيا ڊيم 2006 تائين ناهڻ تمام ضروري آهن ۽ اهوئي الطاف حسين ان ساڳئي حڪومت سان گڏ وينوآهي، ۽ اجان تائين الڳ نه ٿيو آهي ۽ اها به پليجي صاحب جي اڳڪٿي ثابت ٿي ته جنرل مشرف الطاف حسين کي بلوچ ۽ سنڌي عوام آڏو هيرو ڪري پيش ڪرڻ چاهي ٿو، چاڪاڻ ته ڪوڪرا پار موٽا ٻائو سرحد ڪولي لکين هندستانين کي پاڪستان ۾ غير قانوني طريقي سان داخل ڪري فوري طور تي بلوچستان جي گوادر بندر تي پنجابين جي آبادي سان گڏائي انهن کي آباد ڪيو ويندو ۽ پوءِ گوادر، ڪراچي، ٺٽي ۽ بدين ۽ ٿرپارڪر تي ٻڌل ساحلي صوبي جي نالي سان الڳ صوبو جوڙڻ جي رٿا بندي ڪئي ويندي جنهن بابت پڻ پليجو صاحب سنڌين ۽ بلوچن کي خبردار ڪري چڪو آهي تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته اسين پنهنجي هن سڄڻ، خيرخواهه، همدرد ۽ ساٿي جي ڳالهين کي فوري طور سمجهي ۽ ان تي عمل ڪريون ته جيئن ايندڙ تباهين، بربادين، تڪليفن کان بچي سگهون. مون کي پڪ ۽ يقين آهي ته اڄ جيڪا سنڌ اٿي بيٺي آهي اها جيڪڏهن رسول بخش پليجي جي ڏسيل واٽ تي ائين ئي ثابت قدم رهي ته اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن فتح اسان جا قدم چمندي. ڪنهن دوست مون کي چيو ته پليجو صاحب تڪراري شخص آهي ۽ ان سان ڪيترن ئي ماڻهن جا اختلاف آهن ته مون کي ان ڏاهي جو قول ياد آيو ته " اختلاف هميشه ڏاهپ، عقل، فهم، ادراڪ رکندڙ سان ٿيندو آهي، بي عقل چريي ۽ پاڳل سان صرف اختلاف نه ٿيندا آهن اهو سچ آهي ته اختلاف ئي شين کي ڇنڊي ڇاڻي صاف ڇٽو ڪري بيهاريندا آهن ۽ اختلاف ئي تحقيق ۽ واڌارو پيدا ڪندا آهن، ان جو حاصل مطلب آهي ته شين جي واڌ ويجهه ۽ تحرڪ پڻ اختلاف جو نتيجو آهي، جڏهن ڪنهن شيءِ بابت اختلاف ڪجي ٿو ته ان جي رد ۾ مثبت بهتر شيون جيڪي آڏو اچن ٿيون اهي تحرڪ، ڪوڄنا ۽ جاکوڙ کان پوءِ اچن ٿيون پر اوهين ڪنهن سان اختلاف نه ڪريو ته پوءِ نواڻ ۽ سنائي پيدا نه ٿيندي، اسين جڏهن ڪنهن شي بابت بحث ڪريون ٿا ته ان جي فائدن ۽ نقصانن کي ڳوليون ۽

تلاشي ڪريون تا ۽ پوءِ انهن بابت اڳڪٿيون ۽ رايا ڏيون ٿا، جيڪي انهن شين جي واڌ ۽ ويجهه ۾ مدد مهيا ڪن ٿيون، اسان جڏهن پليجو صاحب جي شخصيت جو جائزو وٺنداسين ۽ ان جي ڏسيل واٽ کي جاچينداسين ته اسان کي اڳتي وڌڻ لاءِ اتساهه ملي ٿو. اها ئي شئي ڪامياب ۽ ديرپا آهي، جيڪا اسان کي پنهنجي منزل طرف وٺي ويندي، سنڌ ۾ قائد اعظم محمد علي جناح جو نالو وٺڻ به ڪنهن دور ۾ ڪفر ٿي ويو هو ۽ هر نوجوان قائد اعظم جي نالي وٺڻ سان بي زاري جو اظهار ڪندو هو، ان بابت جڏهن پليجي صاحب لکيو ۽ چيو ته هو سنڌو انسان هو ته پوءِ سنڌ جي ڪيترن ئي نوجوان ليکڪن اخبارن ۾ قائد اعظم جي تعريف ۾ ڪيترائي ڪالم لکيا جيڪي اڳ ۾ ماٺ ڪيو ويندا هئا. ۽ هاڻ ته ڪيترائي قوم پرست سياستدان به چوڻ تي مجبور آهن ته قائد وارو پاڪستان گهرجي، جنهن ۾ وفاق وٽ 3 اڊائي ڪاتا ۽ صوبا خودمختيار هئا. اها ڏاهپ رسول بخش پليجي جي آهي ته هو جيڪو رستو اختيار ڪري ٿو اهو سندس مخالف به ان شي ۽ ڳالهه کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا پوءِ سندس ساٿين ۽ همدردن تي اهو فرض ٿو ٿئي ته هو سندس پيغام سنڌ جي جهر جهنگ ڳوٺ ۽ شهرن تائين پهچائين ۽ هن جي ڏسيل واٽ کي ثابت قدم ٿي هلن، رسول بخش پليجو جون جدوجهدون، طور طريقا اهو ثابت ڪن ٿا ته هو پنهنجي جوهر ۾ مڪمل انقلابي سياستدان آهي، ڪنهن دوست ڪيڏو نه سچ چيو آهي ته رسول بخش پليجو جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ملڪ، خطي يا ديس ۾ پيدا ٿئي اها ته هو لينن، مائو، هوچي منهه، ڪاسترو، نيلسن منڊيلا هجي ها، پر آءٌ اهو ٿو چوان ته رسول بخش پليجو مظلوم، محڪوم، مجبور، لاچار، ڏتڙيل، ڦريل، ماريل، چچريل، چيپاٽيل ۽ بي زبان سنڌي عوام جي سوين سالن جي گهري چيخ جو نالو آهي، جنهن ستن آسمانن ۽ زمين کي چيري پنهنجي وجود کي مڃايو آهي، ۽ مون کي اها به پڪ ۽ يقين آهي ته سنڌ جيئڻ ٻين وطن پرستن کي ياد ڪري ٿي تيئن هن حلالي فرزند کي به نه وساريندي، ۽ واحد شخص آهي، جنهن پنهنجي حياتي ۾ پاڻ مڃايو آهي سندس ڏاهپ، اورچائي ۽ سچائي دنيا جي ستل ضمير کي ضرور جهنجهوڙي جاڳائيندي ۽ سنڌي عوام سان ٿيندڙ ويڌن، ۽ ڪلورن مان جان آجي ڪرائيندي، منهنجي اها ڌڻي در دعا آهي ته رب پاڪ رسول بخش پليجو کي ڊگهي ڄمار عطا ڪري ته جيئن هو اسان جي سياسي، عملي، ادبي ۽ سماجي رهنمائي ڪري ۽ اسان کي ان منزل تي رسائي جو سنڌ جو ٻچو ٻچو رسول بخش پليجو ٻڻجي وڃي.

# رسول بخش پليجي جو ادبي قدڪاٺ

غفور ميمڻ

رسول بخش پليجو سنڌي نثر ۾ هڪ منفرد ۽ نمايان حيثيت رکي ٿو. خاص طور سان تنقيد جي ميدان ۾ سندس ڪتاب ”انڌا اونڌا ويج“، ”سنڌي ذات هنجن“، ڏاڍا ڪارائتا ۽ فڪري طور ترقي پسند رخ ڏيکاريندڙ ڪتاب آهن. سندس ڪهاڻيون گهٽ آهن، پر فني ۽ فڪري طور پختيون ۽ مشاهداتي آهن، سندس پهرين ڪهاڻي ”پسي ڳاڙها گل“ 1966ع ۾ ڇپي، منجهس جماليات جي آفاقي قدرن کي ڏاڍو مٺانهون ڪيو ويو آهي. ”تون سونهن آهين، تون منزل آهين، تون انساني ڪمزورين، مجبورين، خوشين ۽ غمن کان بالاتر آهين“. ”تون ڳوٺ جي سمورين شين ۽ ماڻهن جي مالڪ ۽ مختيار آهين، فقط تنهنجي سونهن ۽ تنهنجي جواني اٽل آهي، لافاني آهن ٻيو سڀ ڪجهه هيچ آهي، بي معنيٰ آهي“. انهيءَ لافاني حسن ۽ جماليت کي بي معنيٰ بڻائڻ وارو هي سماج آهي جيڪو جاگيرداريءَ جهڙن دقيانوسي قدرن ۾ قاتل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻه پيار ڪرڻ وارا راڄ جي تنگ نظريءَ ۽ ذات پات جو شڪار ٿين ٿا، جڏهن ته انهن کي سنڌن گهر وارا ۽ خاندان ٻه نٿو روڪي پر سماج وچ ۾ ديوار آهي. ڪهاڻيءَ جو فڪري نڪتو اهو آهي ته فردن جي رضامندي يا خواهش ڪافي ناهي، جيستائين فرد جي آزاديءَ کي سماج قبول نٿو ڪري، ۽ سماج بدلائڻ سان ئي فرد ٻه خوش خرم رهي سگهن ٿا. سندس ڪهاڻي ”اڄ اڳڙيا آيا“ ۾ هڪ خاص مقصد سمايل آهي ته ڪنهن اهڙي ڪردار کي جيڪو ڏوهاري هجي، ظلم جي سرشتي جو آلہ ڪار هجي، انهيءَ ۾ سچائي جو فهم پيدا ڪري سگهجي ٿو، جو هو پنهنجي طبقي کي سڄاڻي ناانصافي خلاف آواز اٿاري سگهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اهڙو ڪردار ”ساجن مهاڻو“ آهي جيڪو وڏيرن جي خلاف بغاوت ڪري وطن پرست ۽ انقلابي بڻجي وڃي ٿو. هيءَ ڪهاڻي سنڌي ماحول جي جاگيردارانہ پس منظر ۾ لکيل آهي. ڪهاڻي ”وڌيو هئين ته ويهہ“ ون يونٽ دوران چوٿين مارچ ڪانپوءِ هلندڙ تحريڪ تي لکيل آهي، قيدين سان رياست جو سلوڪ ۽ اخباري بيانن ۾ منافقي سامهون اچي ٿي. ڪهاڻي ”سچ جو ڏينهن“ ڏاڍي دلچسپ ۽ طنز سان ڀرپور آهي، جنهن ۾ سائنسدان سچ ڳالهائڻ جو پائوڊر ايجاد ڪن ٿا، جيڪو سنڌ ۾ ٻه ڇٽڪاريو وڃي ٿو. پوءِ اخبارن کان وٺي صوبيدار ۽

هوٽل جي بيري تائين ماڻهو جڏهن سچ ڳالهائين ٿا تہ ڏاڍي دلچسپ صورتحال پيدا ٿئي ٿي. ڪهاڻيءَ جو مقصد آهي اهي سچايون جيڪي اسان وٽ منافقي جي لباس ۾ ڍڪيل آهن جيڪر اگهاڙجن تہ صورتحال ڇا ٿئي! مجموعي طور رسول بخش پليجو عوام، محنت ڪش، هاري ناري سان فڪري طور سلهاڙيل آهي، هو سيني جو جائزو سندن سماجي حالتن ۾ وٺي ٿو ۽ ”ايئن لڪي ٿو جيئن گورڪي لکندو هجي جو هن جي اڳيان شاعراڻي دنيا جي جاءِ تي عملي جدوجهد ۽ ڇڪتاڻ جي دنيا موجود آهي“.

# پاڻي ڪيس ۽ پليجو

عرفان قريشي

وڏين ڳالهين ۽ دعوائن بدران ننڍڙين پر بامقصد جدوجهد وت ۽ وس آهر پاڻ پتوڙڻ ۾ يقين رکندڙ رسول بخش پليجي جي واٽ ڪي تنقيد ۽ ٺٺول جو نشانو بڻائيندڙ به اڄ اهائي واٽ وٺڻ جي ڪوشش ڪي رهيا آهن، جيڪا واٽ 36 سالن کان عوامي تحريڪ اختيار ڪئي آهي. وقتن ۽ حالتن تحت عوامي تحريڪ جا ڪيل فيصلا هميشہ ڪامياب ۽ سنڌي قوم لاءِ لاڀائتا رهيا آهن. ان جو هڪڙو مثال عوامي تحريڪ طرفان 90 جي ڏهاڪي ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف سکر کان ڪراچي تائين ڪيل لانگ مارچ بہ آهي. ان وقت عوامي تحريڪ تي اهي الزام لڳايا ويا تہ پاڻي ڪو وڏو مسئلو ناهي. صرف ٽيڪس حاصل ڪرڻ لاءِ پٽي جي نياڻي ڪي بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي، پر وقت ثابت ڪيو تہ سچو ڪير هو. اڄ اهي ماڻهو جيڪي پاڻي جي مسئلي کي اهم قرار نہ ڏيندا هئا. خود عوام جي نبض کي پرکيندي پاڻي لاءِ نالي ماتر ئي سهي پر جدوجهد ڪري رهيا آهن. جيئن عوام ۾ زندهہ رهي سگهن. چاڪاڻ تہ پاڻي تي ڌاڙي خلاف جيڪا بہ سنڌ جي پارٽي آواز نہ اٿاريندي، اها پاڻمرادو مري ويندي. سنڌ جو پاڻي ڪيس جنهن منظم انداز سان رسول بخش پليجو ۽ عوامي تحريڪ وڙهي آهي، ان ڳالهہ کان عوامي تحريڪ جا دشمن بہ انڪار ڪري نٿا سگهن. اڄ سنڌ جو ٻچو ٻچو پاڻيءَ تي پاڻي ڪرڻ لاءِ تيار آهي، اهو ٻڌائي سگهي ٿو تہ ڪير آهي جيڪو حڪمرانن جي اکين ۾ اکيون ملائي پاڻي ڪيس پيش پيو ڪري. ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين جي سنڌ کي پاڻي ۽ ناٽي جي ڦرلٽ خلاف سراپا احتجاج بڻائڻ ۾ عوامي تحريڪ جي جاڳرتا ۽ پرامن جدوجهد جاري رکڻ جو وڏو هٿ آهي. اهڙي ئي جدوجهد جي هڪ ڪڙي پرامن جمهوري لانگ مارچ سنڌ جي سياسي سجاڳي تي وڏا اثر مرتب ڪيا آهن، اهو پهريون ڀيرو هو جو سنڌ جي سمورين پارٽين عوامي تحريڪ جي جدوجهد جي حمايت ڪئي، هر هنڌ هر ڳوٺ هر شهر ان جو شاندار استقبال ڪري ثابت ڪيو تہ سنڌ لاءِ جيڪو بہ وکون وڌائيندو. سنڌ ان جي آجيان لاءِ پنهنجو دامن وسيع ڪري ڇڏيندي، ڪراچيءَ ۾ جنهن نموني سان سنڌين جو سمنڊ اٿلي پيو. ان ڪيترن ئي پٿر دلين کي پگهاري ڇڏيو تہ نہ ٻيلي: ”اڃان رڃ مان رڱ اڇي ٿي اڇي، متان ڇئو مئا مور سارا“.

# WELL DONE PALIJO WELL DONE

زرار پيرزادو

رسول بخش پليجو بيشڪ سنڌ جو هڪ تمام وڏو اثاثو آهي جنهن جو سنڌي قوم جيترو بہ قدر ڪيو آهي، سو بهرحال ناڪافي آهي، اسان ڪي اها ڳالهہ ڪن ڪولي ڪري ٻڌڻي ۽ سمجھڻي پوندي تہ هي اهڙا املهہ ڪردار آهن جيڪي روز روز پيدا ناهن ٿي سگهندا. ماڻهو تہ روز پيدا ٿيندا آهن ۽ روز ئي مرندا آهن، پر جيڪي سڄي قوم جا دماغ ٿيندا آهن سي دماغ ورلي ملندا. ان ڪري رسول بخش پليجي جي اڄوڪي جنم ڏينهن جي سنڌي قوم ڪي مبارڪ هجي. هي ڏينهن صرف رسول بخش پليجو نالي ڪنهن فرد جو ئي جنم ڏينهن ناهي، پر ان دماغ، ڏاهپ ۽ سورهيائپ جو بہ جنم ڏينهن آهي، جنهن سنڌي قوم ڪي علم، ڏاهپ ۽ سورهيائپ سان مسلح ڪيو. سياست جو هي واقعي بہ هڪ علمي ڪلچر جنهن ۾ ٿيندڙسياست جو هٿيار علم آهي. هن هميشہ علم عقل ۽ دلين واري سياست ڪئي آهي، سندس پارٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ باقاعدي علمي ٽيسٽ ورتي ويندي آهي ۽ پليجي جو سياسي ادارو ڪارڪنن جي نظرياتي تربيت ڪندو آهي، اهو ڪلچر سنڌ ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۽ رسول بخش پليجي جي پارٽيءَ ۾ ملندو رهيو آهي. اسان جي قوم وڏيرڪي، جاگيرداري، ڪلاشنڪوف ۽ دهشتگردي واري سياسي ڪلچر وٽ يرغمال بڻيل رهي آهي. تنهن هن سياسي ڪلچر ڪان دور رهي ڪري پنهنجي پير تي جيڪو ڪهاڙو هنيو آهي، تنهن جو احساس هاڻي ڪين ترت ئي محسوس ٿيڻ وارو آهي، اها يقينن پنهنجي هن سنڌي قوم جي بدقسمتي آهي تہ اسان پليجي ڪي ڪجهہ ڏيڻ تہ ڇا پر وٺڻ ڪان بہ محروم رهيا آهيون. محروم ئي مري ويا، ماهر ٿي نہ مئا. اڄوڪو ڏينهن ان حقيقت ڪي سمجهڻ جو بہ ڏينهن آهي ۽ پليجي مان ڪو لاڀ لکيل ذهين ترين ماڻهوءَ مان فيضياب ٿيڻ جو ڪو موقعو نہ وڃائڻ گهرجي. هن ڪي ٻڌڻ گهرجي هن ڪي سمجهڻ گهرجي، جيڪڏهن اسان اهو بہ ڪم ڪري وياسين تہ سمجهنداسين تہ اسان پاڻ سان ڪو انصاف ڪري سگهيا آهيون. رسول بخش پليجو خدمت لاءِ حاصل آهي، هي انهن تمام ٿورن سياستدانن مان هڪ آهي جيڪو قلمي توڙي علمي ميدان تي موجود ملي ٿو. اوهان هن سان پنڌ ڪرڻ چاهيو تہ هو لانگ مارچ جي سرواڻي ڪندي ملندو، ڪائنس پرائڻ چاهيو تہ

برک اديب، دانشور ۽ عالم طور نمائندگي ڪندي نظر ايندو. قول ۽ فعل جو هي خوبصورت سنگم آهي، پليجي صاحب جي ڌاهپ پري سياست کان علاوه جيڪا شيءِ ڪيس سنڌ جي ٻين سياستدانن کان ممتاز ڪري ٿي سا آهي عورتن کي سياست ۾ نمائندگي ڏيڻ. سنڌي چوڪرين جو سڀ کان وڏو انگ پليجي صاحب سان گڏ آهي، سنڌي عورتن پليجي صاحب جي پارٽيءَ ۾ جيڪو جاکوڙي ڪردار ادا ڪيو آهي، تنهن جو ڪريڊٽ به هن قابل ماڻهوءَ ڏانهن ئي وڃي ٿو. پليجو سنڌ جي انهن سياستدانن مان به هڪ آهي، جيڪو سنڌ کي سمجهڻ جي ۽ ان کي سمجهائڻ جي دعوا ڪري سگهي ٿو. هي سنڌ جي سورن کي به سمجهي سگهي ٿو ته ان جو درمان به بنجي سگهي ٿو. سنڌ جي هاڻوڪي پهرئين نمبر اشو ڪالاباغ ڊيم تي سڀ کان گهڻي ڄاڻ سياستدانن ۾ پليجي صاحب وٽ ئي آهي، هن ان سنڌ جي زندگي ۽ موت واري اشوءَ تي نه صرف قلمي جنگ ڪئي آهي، پر هاڻي عملي طور ان تحريڪ جي اڳواڻي به ڪري رهيو آهي، پهرين مارچ ڪان سکر کان شروع ڪيل لانگ مارچ جيتوڻيڪ هن جي ڪا پهرين لانگ مارچ نه آهي، پر هي لانگ مارچ موزونيت جي حساب سان سيني کان اهم ۽ وقتائتي آهي. هي جدوجهد يقينن بيحد اوکي به آهي، ڇاڪاڻ ته هي سچي ۽ حقيقي جدوجهد آهي هيءَ اهائي جدوجهد آهي، جنهن ۾ اوهان کي سسئي بنجي، جهرجهنگ، جبل جهاڳي، پير پٿون ڪري، ڇهرا ڪاراڻي، ٿڪ، ٻک ۽ اڃ وجهي منزل تي رسڻوآهي ۽ اها جدوجهد اهوئي ماڻهو ڪري سگهي ٿو، جنهن کي پنهنجي مقصد سان عشق هوندو. پليجو سنڌ جو عاشق آهي، پليجو سنڌ جي سونهن جو مداح آهي ۽ ان جي ثقافت جو پرجهلو آهي، هن سنڌ جي ان عشق ۽ ان جي سونهن تي به لکيو آهي ۽ خوب لکيو آهي، هڪ هڪ لفظ کي پنهنجو ڪري لکيو آهي. ان ڪري هي سنڌ جي مسئلي تي جذباتي به آهي ته اٽل به آهي. هن ڀٽائي پڙهيو آهي سر سسئي کي پڙهيو آهي، عالمي تحريڪن جو اڀياس ڪيو آهي، هي ڄاڻي ٿو ته تحريڪون ڪيئن هلائيبيون آهن، هي سمجهي ٿو ته گڏيل جدوجهد ڪيئن ڪبي آهي. هي دانشور ۽ نقاد آهي ان حوالي سان به هي ”محترم“ رهيو آهي ۽ هر ڪنهن هن جو لحاظ ڪيو آهي، ان ڪري ئي ته هن جي هر تحريڪ سرخرو ٿي آهي، ان ڪري ئي ته هن جي لانگ مارچ ۾ عورتون، ٻار ۽ ٻيا سڀ نظر اچن ٿا، اهوئي سبب آهي جو ٻين پارٽين جا سربراهه به سندس پنڌ ۾ شامل ٿين ٿا. اهو يقينن پليجي جي شخصيت جو ئي سحر آهي. سو ويل ڊن پليجا ويل ڊن.

# رسول بخش پليجو: هڪ جاکوڙي ڪردار

سرويچ ساريو

رسول بخش پليجو جيڪو هن ڌرتي ۽ درياهہ جي دفاع لاءِ وڙهندي، رڙهندي ۽ آمرن سان چوٽون کائيندي، پنهنجي عمر جي آخري حصي ۾ پهتو آهي پر هو اڄ بہ جرئت، بهادري، بردباري، بيباڪي، ارڏائي ۽ دوانديشيءَ سان مسلسل جدوجهد ڪري رهيو آهي. هو سنڌي قوم جي اعليٰ آجپي لاءِ ڏکين پيچرن تي هلندي، هر ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ، بربيت، درندگي ۽ ناانصافيءَ جي ٻاٽ اونداهي رات کي سپاڪي صبح ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پوري سگهہ ۽ توانائيءَ سان سنڌي قوم جي غيرتمند، وفادار، سنڌ دوست ۽ انسان دوست قافلي جي سالاري ڪندي ڌرتي دشمن جي اکين ۾ ٻاٻري ٽانڊي جيان چڀندي نظر اچي ٿو. پاڪستان جي 58 سالن جي تاريخ ڪو اهڙو وقت آيو، جڏهن سنڌي قوم جو هي نمائندو وڪيل پنهنجن ماڻهن کان پري رهيو هجي؟! هن ڌرتيءَ جي باغيرت ۽ بي ڊپي فرزند هر ڏکئي ۽ اڙانگي وقت ۾ جدوجهد جا نوان طريقا نوان رستا، نيون راهون، نوان گس ۽ نوان پيچرا تلاشي ڪري پاڻ سان گڏ پوري قوم کي وٺي هلندو رهيو آهي. ون يونٽ ٽوڙيو تحريڪ، ايم آر ڊيءَ جي شاندار تحريڪ ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپايو تحريڪ، صحافين جي حقن لاءِ هلايل جدوجهد، نسلي دهشتگردن هٿان سنڌين جي قتل عام خلاف ڪيل جدوجهد تعليمي ادارن اندر جنم وٺندڙ ڪلاشنڪوف ڪلچر خلاف هلايل تحريڪ، جاگيرداري ۽ قبائلي رسمن خلاف ڪيل طبقاتي ويڙهہ، سنڌ جي قومي غدارن خلاف وڙهيل جنگيون، رجعت پرست قوتن سان روشن خياليءَ جي محاذ تان ڪيل مقابلو، دهشتگردن جي سنڌ دشمن سوچن جا پردا چاڪ ڪرڻ ۽ گذريل 30 سالن کان پاڻيءَ تي لڳندڙ ڌاڙن خلاف هر محاذ تي وڙهندڙ ويڙهہ جو سهرو رسول بخش پليجي جي سر تي سونهين ٿو. مطلب تہ نورالهديٰ شاهہ جي لفظن ۾: ”سنڌ جو هي جينئس ٽڪجي نٿو، آڻ نٿو مڃي، هر ڀيري نئين روپ ۽ انداز سان ظاهر ٿئي ٿو ۽ پوري سگهہ سان سچ جو اظهار ڪري ٿو. جيترو ان جي سگهہ کي ٽوڙڻ جا جتن ڪيا وڃن ٿا. اوتري ئي شدت سان نوان رستا ڳولي ٿو، نيو راهون سوچي ٿو“. رسول بخش پليجي وٽ اها ڏات ۽ ڏانءَ گر ۽ طريقا پنهنجي مقصد سان عشق ئي آهي، جنهن جي بنياد تي هو هيٺين طبقي جي پيڙهيل، ڏتڙيل، هيسيل ۽ نظرانداز ڪيل

ماڻهن کي ميڙي مٺ ڪري ڪين قيادت ۽ اڳواٽي ڪرڻ جا گر سيکاري، سندن سياسي ۽ نظرياتي تربيت ڪري، قومي عوامي جمهوري انقلابي نظرئي سان هٿياربند بڻائي قوم جي تقدير جي تبديليءَ جو بار انهن جي ڪلهن تي رکي ٿو ۽ ڪين مسلسل جدوجهد جي ميدان ۾ وٺي هلي ٿو. چاڪاڻ ته هو ڄاڻي ٿو، ”جيڪو مايوسيءَ جي غم کان ڊڄي ٿو، ان جو عشق حلال ناهي“ ۽ جبل جي جوءِ جي ڪمزور جسم واري هن يگاني مست سنڌ سميت دنيا جي سمورين مظلوم قومن سان جيڪو عشق ڪيو آهي، ان جي نتيجي ۾ هو هر قرباني ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهي ٿو. شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي ته: ”رسول بخش پليجي پنهنجن ٻارن، امڙ، زالن ۽ ڀينرن سميت ساري خاندان جو سنڌ لاءِ ٻڪ ڏنو آهي، جنهن جو مثال سنڌ نهيو پر پوري برصغير ۾ ورلي آهي. هن سان ماڻهو اختلاف ته رکي سگهي ٿو، پر سندس دورانديشي ۽ يگانيت کان انڪار ضد جي علامت آهي.

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books